SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1987

SINDH ACT NO.I OF 1987

سنڌ شهري سروي ايڪٽ، 1987

THE SINDH CITY SURVEY ACT, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. سروي
Survey

4. سروي عملدار ۽ انهن جا اختيار
Survey Officers & their Powers

5. سند ۽ ان جي في
Sanad and its fee

6. اپيل
Appeal

7. قاعدا
Rules

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1987

SINDH ACT NO.I OF 1987

سنڌ شهري سروي ايڪٽ، 1987

THE SINDH CITY SURVEY ACT, 1987

[26 مارچ 1987]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي زرعي زمين کان سواءِ ٻين زمينن ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي سروي ڪئي ويندي.

جيئن تہ زرعي زمين کان سواءِ ٻين زمينن ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي سروي ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهري سروي ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "عمارت جو هنڌ" مطلب هڪ زمين يا حصو جيڪو عمارت جي مقصد لاءِ رکيو يا مخصوص ڪيو وڃي، پوءِ ان تي بعد ۾ ڪا عمارت جوڙي وڃي يا نہ جوڙي وڃي ۽ جيڪڏهن ان تي عمارت جوڙي وڃي تہ ان ۾ عمارت جي سامهون خالي جڳهہ بہ اچي وڃي ٿي.

(b) "شهر" مطلب انساني آبادي بشمول زمين جي ايراضي تي موجود ڳوٺ يا ٽائون؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "زمين جو مالڪ" مطلب هڪ شخص جيڪو زمين يا عمارت جي هنڌ جو مالڪ هجي؛

(e) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(f) "سروي عملدار" مطلب دفعہ 4 تحت مقرر ڪيل عملدار؛

(g) "سروي نمبر" مطلب زمين يا عمارت واري هنڌ کي اهڙي زمين يا عمارت واري هنڌ جي سچاڻپ لاءِ ڏنل نمبر؛

سروي
Survey

3. (1) جستائين ڪجهہ سنڌ ليند ريونيو ايڪٽ، 1967 جي متضاد نہ هجي، ريونيو بورڊ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن شهر يا عمارت هنڌ جي سروي ڪرڻ جي هدايت ڏئي سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت سروي اهڙي طريقي ڪئي ويندي جيئن ڄاڻايو ويو هجي ۽ شهري حدن ۾ ايندڙ هر عمارت جي هنڌ کي الڳ نمبر ڏنو ويندو.

سروي عملدار ۽ انهن جا اختيار
Survey Officers & their Powers

4. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ آف ريونيو جي ڪنهن عملدار کي سروي عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي.

(2) سروي عملدار کي، زمين جي مالڪن جي حقن جي لتاڙ ڪرڻ کانسواءِ، طئي ڪرڻ ۽ وقت بوقت شهري حدن مان ڪا زمين ٻاهر ڪڍڻ يا ڪا زمين شامل ڪرڻ جو اختيار هوندو.

سند ۽ ان جي فيس Sanad and its fee	5. (1) هر زمين جو مالڪ اهڙي سروي ڪندو جيڪا هڪ سئو رپين کان وڌيڪ نہ هوندي جيئن بورڊ آف رينيو طرفان طئي ڪئي وڃي ۽ اهڙي فيس ادا ڪرڻ تي ڪيس سند فراهم ڪئي ويندي جيڪڏهن هو سروي جو ڪم مڪمل ٿيڻ جي ڇهہ مهينن اندر اهڙي سند لاءِ درخواست ڏئي. بشرطيڪ جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل عرصي دوران سند لاءِ درخواست نہ ٿي ڏني وڃي، زمين جي مالڪ کي اهڙي اضافي فيس جمع ڪرائڻي پوندي جيڪا ويهہ رپين کان وڌيڪ نہ هوندي جيئن سند حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ آف رينيو طرفان طئي ڪئي وڃي. (2) سند اهڙي طريقي ۽ اهڙي عملدار طرفان جاري ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
اپيل Appeal	6. جتي ڪو شخص سروي آفيسر جي حڪم سان متاثر ٿيو هجي، هي اهڙي حڪم جاري ٿيڻ جي ست ڏينهن دوران ڄاڻايل اختياري کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي اختياري طرفان جاري ڪيل ڪو بہ حڪم حتمي هوندو.
قاعدا Rules	7. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.